

# جانورن جي بهتر سارسنڀال جا بنيادي اصول

## تربيتي ڪتاب





اي ايس پي ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ انيمل سائنسز لاهور

Charles Sturt University

Australian AID

اي ايس ايل پي ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور.

فون: 042-37212339

ويب سائٽ:www.aslpdairy.pk

# مهاڳ

اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ آسٽريلوي ۽ پاڪستاني حڪومتن جي وچ ۾ هڪ اهڙو منصوبو آهي جنهن جو مقصد توسيعي سکيا جي ذريعي ننڍي ڊيري فارمرز جي جانورن ۾ کير جي پيداوار وڌائي ان جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن ۾ بهتري آڻي سگهجي. کير جي پيداوار ۾ اضافو صرف انهي وقت ممڪن هوندو جڏهن ڊيري فارمر کي پنهنجي جانورن جي رهائش، خوراڪ، صحت ۽ نسل وڌائڻ جهڙن تمام بنيادي ڪمن جي مڪمل ڄاڻ هجي.

هن تربيتي ڪتاب جو مقصد ڊيري فارمرز کي جانورن جي بهتر سار سنڀال جي بنيادي اصولن جي مڪمل آگاهي ڏيڻ آهي ته جيئن في جانور جي سراسري پيداوار ۾ اضافو ٿي سگهي. جنهن سان پاڪستان جي ڳوٺن ۾ غربت جي شرح ۾ گهٽتائي ۽ ماڻهن جي طرز زندگي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي سگهي. هن تربيتي ڪتاب جي انفراديت هي آهي ته هن ۾ موجود سڀئي معلومات مستند ۽ ذاتي تجربن تي ٻڌل آهي جيڪو ڊيري ٽيم کي پراجيڪٽ جي پهرين فيز جي دوران حاصل ٿيون. هن تربيتي ڪتاب مان نه صرف ڊيري فارمرز پر وليج ويٽرنري ورڪرز، ويٽرنري اسسٽنٽ ۽ ويٽرنري ڊاڪٽر پڻ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. هن تربيتي ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ اسان آسٽريلوي حڪومت جي بين الاقوامي زرعي تحقيقاتي اداري جا مشڪور آهيون.

**ڊيري ٽيم**

# فهرست


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| -1 | جانورن جي سار سنڀال جي اهميت | 1 |
| -2 | سٺي سار سنڀال جي ڪمن جا طريقا | 2 |
| -3 | واڙي کي ٺاهڻ جا بنيادي اصول | 3 |
| -4 | پاڻي | 5 |
| -5 | گرمي جي شدت (گرمي جو اثر) | 9 |
| -6 | سردي جي شدت (سياري جو اثر) | 11 |
| -7 | صحت ۽ صفائي | 12 |
| -8 | ياد رکڻ واريون ڳالهيون | 13 |

# ڪامياب ڊيري فارمرز ۾ اسان



نالو : عبدالعزيز سومرو
ڳوٺ : حاجي احمد سومرو
ضلعو : ٺٽو (سنڌ)

اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ هڪ انتهائي ڪامياب پروگرام آهي جنهن مان بيشمار ڊيري فارمرز فائدو وٺي رهيا آهن . عبدالعزيز سومرو به انهن ڪامياب ڊيري فارمرز مان هڪ آهي جنهن هن تربيتي ڪتاب ۾ ڏنل هدايتن تي عمل ڪري پنهنجي جانورن ۾ کير جي پيداوار کي وڌائي پنهنجي معاشي حالت ۾ بهتري آندي آهي .

ڊيري پراجيڪٽ هڪ اهڙو منفرد تربيتي پروگرام آهي جيڪو ڊيري فارمرز جي موجوده وسيلن جو بهتر استعمال، جديد ۽ آسان طريقن سان جاڻ، کير جي پيداوار کي وڌائڻ سان گڏوگڏ ڊيري فارمرز جي زندگي جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ مددگار ثابت ٿيو آهي . عبدالعزيز سومرو وانگر پراجيڪٽ سان لاڳاپيل تمام ڊيري فارمرز پنهنجي روشن مستقبل جي لاءِ پر عزم آهن

پر عزم پاڙيو، خوشحال پاڪستان



## جانورن جي متعلق تمام ڪمن جي معلومات جي لاءِ رابطو ڪريو

| | ڪمپني جو نالو | فون | فيڪس | ويب سائيٽ / اي ميل |
|---|---|---|---|---|
| دوائون | پاڪستان ميڊيڪوز | 042-37234138<br>042-37248221 | 042-37234139 | symans@brain.net.pk |
| سرجيڪل سامان | طور انٽرپرائزز | 055-6602020 | 055-6602020 | www.toorenterprises.net |
| | ڪروسن انڊسٽري | 042-36843472<br>042-36819157 | 042-36843478 | kurdson@wol.net.pk |
| ويٽرنري سامان | پروفارم | 042-323-8888-211<br>042-36602223-5 | 042-36602230 | www.profarm.com.pk |
| | جين ٽيڪ | 042-36306290 | 042-36363499 | auawan@gmail.com |
| سيمين (ٻج) | الطاف اينڊ ڪو | 042-37214004-6 | 042-37213913 | www.altafandco.com |
| | ذوڊيڪ انٽرنيشنل | 0321-8470613 | | zodiacint@hotmail.com |
| | پروفارم | 042-323-8888-211<br>042-36602223-5 | 042-36602230 | www.profarm.com.pk |
| فيڊ (ونڊو) | بگ فيڊ | 042-35835374<br>042-35837512-4 | 042-35839170<br>042-35835371 | yusuf@stockfeed.com.pk |
| | ميڪسم انٽرنيشنل | 056-3406210 | 056-3406212 | www.maxim-intl.com |
| ساواهه گاهه ٻج | جالندهر | 042-35941056<br>042-35844407 | 042-35941058 | www.jullundur.com.pk |
| | پائنيئر | 040-4463633<br>040-4460004 | 040-4463634 | abdul.rehman@pioneer.com |
| ويڪسين | ويٽرنري ريسرچ انسٽيٽيوٽ لاهور | 042-99220136-8 | 042-99220278<br>042-99220142 | |
| | ويڪسين پراڊڪشن يونٽ ٽنڊو ڄام | 022-9239323 | | |


## اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز لاهور.

فون: 042_37212339

ويب سائٽ: www.aslpdairy.pk